# ٧. سائيڪل



پڙهو. ٻڌايو ۽ ڪم آڻيو.

بابي آندي هڪ سائيڪل
اُن سان منهنجي آهي دِل،
اُٿي صبح جو صاف ڪيان مان،
چڙهي اُنهيءَ تي چڪر ڏيان مان.

مون سان هردم ساٿ نڀائي،
مِنٽن ۾ اِسڪول پُڄائي،
کپي نہ ڊيزل يا پيٽرول،
وڏو نہ هن جو آهي مُول.

کپي نہ مونکي پيو رانديڪو،
چُڀي نہ ڦيٿي ۾ بسِ ڪوڪو،
مون لئہ بيحد آهي ڪارگر،
وڏو ٿيان تہ بہ صحي سراسر.

نوان لفظ :

مُول - قيمت    بيحد - تمام    پُڄائي - پهچائي

## اَڀياس

سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :

١) شاعر جي دِل ڪنهن سان آهي؟
٢) سائيڪل ساٿُ ڪيئن ٿي نِڀائي؟
٣) سائيڪل هلائڻ لاءِ ڇا نہ کپندو آهي؟
٤) سائيڪل بيحد ڪارگر ڪيئن آهي؟

سوال ٢ : هيٺ ڏنل سِٽون پوريون ڪريو :-

١) اُٿي صبح جو ......... چڪر ڏيان مان.
٢) کپي نہ ڊيزل ......... آهي مُول.
٣) کپي نہ مونکي ......... ڪوڪو.

هدايت : ماستر شاگردن کي هيءُ بيت لئہ تال سان ٻڌائي، اُنهن کان چوائيندو.

مشغولي : ماستر اَڄُ جي سائنس جي ترقيءَ واري زماني ۾ سائيڪل جي اهميت وشيہ تي شاگردن کي گهر مان ڏهہ جملا لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

١) وينا نئين سائيڪل خريد ڪئي. هوءَ پنهنجي سائيڪل جي ڏاڍي سنڀال ڪندي آهي. صحيح وقت تي سائيڪل جي ڦيٿن ۾ هوا ڀرائيندي آهي. ڪل پرزن کي تيل ڏيندي آهي. روز سائيڪل صاف ڪندي آهي.

اَهڙي نموني هينين ساڌنن جي سنڀال ڪيئن ڪجي. اهو لکو.

| | |
|---|---|
|  | ..................................................<br>.................................................. |
|  | ..................................................<br>.................................................. |
|  | ..................................................<br>.................................................. |
|  | ..................................................<br>.................................................. |

٢) خالي چوڪُنڊن ۾ مناسبُ جُملا لِکو :-

| مثال<br>ڏسڻ | (وجير)<br>مان ڏسان ٿو. | (ورشا)<br>مان ڏسان ٿي. |
|---|---|---|
| ١) هلڻ | ........................... | مان هلان ٿي. |
| ٢) نچڻ | مان نچان ٿو. | ........................... |
| ٣) پڙهڻ | ........................... | مان پڙهان ٿي. |
| ٤) ڳائڻ | مان ڳايان ٿو. | ........................... |
| ٥) کلڻ | ........................... | مان کِلان ٿي. |
| ٦) چوڻُ | مان چَوان ٿو. | ........................... |

٣) اَڄُ شهرن ۾ آمدرفت جو مسئلو تمام گهڻو وڌي ويو آهي. اُهو مسئلو ڪيئن دور ڪجي. اُن لاءِ پنهنجا رايا لکو. :-

..................................................................................................

..................................................................................................

..................................................................................................

..................................................................................................

..................................................................................................